# حقيقت نگاري ۽ سنڌي ساهت

ساهت انساني سماج جو آئينو آهي. جنهن آئيني ۾ اسين پنهنجي شڪل شبيهه ڇٽيءَ ريت ڏسي سگهون ٿا، تنهن ڪنهن به دؤر جو ادب پڙهڻ سان اسان کي ان زماني جي صورت- ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي، ريتين رسمن، راڄ مهاڄڻ وغيره جي ڇٽي تصوير ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

سماج جي وڪاس سان ساهت جو به وڪاس ٿيو آهي. جهڙيءَ سماج طرح ڇهن دؤرن- پراچين ساميواد (جڏهن طبقا پيدا نه ٿيا هئا- ويدڪ زمانو)، غلامگيري (آقا ۽ ٻانها- مهاڀارت وارو زمانو)، جاگيرداري (ڪاليداس کان وٺي شاهه وارو زمانو) ۽ سرمايداري مان گذري، هاڻي پڇين دؤر ساميواد ۾ پرويش ڪيو آهي، تهڙيءَ طرح ادب پڻ ٽن دؤرن مان گذريو آهي- ١- ديومالا (Mythology) ٢- رومانيت (Romanticism) ۽ ٣- حقيقت نگاري (Realism).

## ديو مالا

قديم زماني ۾ جڏهن ماڻهن جو شعور (چيتنا) ان حد تائين نه پهتو هو، جو هو قدرت جي قانونن کي سمجهي سگهن، تڏهن هنن جي دلين ۾ پنهنجي اردگرد ڦهليل قدرتي چيزن لاءِ خوف، عجب ۽ شردا جو ڀاؤ پيدا ٿيو. ان جذبي جي اظهار ديومالا جي ساهت کي جنم ڏنو، جنهن ۾ اسان کي ديوتائن ۽ فرشتن، ديون ۽ پرين، جنن ۽ ڀوتن، جادن ۽ ڪرامتن جو مکيه هٿ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

ان ادب تي جيتوڻيڪ ڪلپنا غالب پيل هئي ته به ان ۾ حقيقت جا عناصر موجود آهن. ان ساهت جا خدائي (Supernatural) ڪردار ۽ ٻي جان چيزون جهڙوڪ جبل، نديون، ڪڪر وغيره اهڙيءَ طرح هلت هلن ٿا، جئن انسان هلندا آهن. اهو جيڪو انساني عناصر آهي، سو اسان ۾ ان ادب لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ جو مکيه سبب آهي.

ديومالا جي ادب جون ٻه مکيه خصوصيتون آهن. ان مان انسان جي ٻن تمنائن جو اظهار ملي ٿو. هڪ قدرت تي قبضو ڪرڻ جي تمنا ۽ ٻيو پورهئي کي سهنجو ڪرڻ جي ڪوشش. جئن گورڪي لکي ٿو، ”انهنجي (ڏند ڪٿائن) بنيادي معنيٰ اها آهي ته قديم زماني جي ماڻهن ڪيئن، پنهنجي پورهئي کي هلڪو ڪرڻ پيداوار کي وڌائڻ، چوپائي ۽ ٻه پائي دشمن خلاف

ٻاڻکي هٿيار بند ڪرڻ لفظن، اشارن ۽ منترن ذريعي قدرت جي منش - ورونڌي روپ تي اثر ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ......“ هو اڳتي لکي ٿو، ”...... ڏند ڪٿا جي جڙ ۾ حقيقت لڪل آهي.“

## رومانيت

جڏهن پيداوار جا ذريعا بدليا، تڏهن سماج ۾ پڻ تبديلي آئي. ان ۾ طبقا پيدا ٿيا ۽ خانگي ملڪيت وجود ۾ آئي. خانگي ملڪيت سان استري پڻ مرد جي ملڪيت ۽ غلام ٿيڻ لڳي. سماجڪ وهنوار جو روپ بدلجي ويو. نين ڪوجنائن ڪري قدرت جو غيب ڏينهون ڏينهن ظاهر ٿيندو ويو. انساني شعور کي اوج ملي. جهونن وهمن جي جڳهه نون عقيدن ۽ خيالن ورتي. مثلا گهڻن ديوتائن جي بدران هڪ خدا جو تصور (وحدانيت) پيدا ٿيو. قبيلا بندي مان قومون پيدا ٿيون. ان ڪري ماڻهن ۾ قوميت جو جذبو اڀرڻ لڳو.

انهن نين حالتن جي ترجماني ڪرڻ لاءِ نئين ساهتڪ ڌارا ”رومانيت“ جنم ورتو. ليڪن اهو ياد رکڻ کپي ته مٿيون تبديليون ساڳئي وقت نه آيون پر آهستي آهستي آيون ۽ ادب جو روپ ۽ بناوت پڻ يڪدم نه بدليا. ديومالا وارو ادب انهن حالتن ۾ به ڪيترا سال هلندو رهيو. نه صرف ايترو پر روماني ڌارا، هن ادب کي ڦيري گهيري نين حالتن مطابق استعمال ڪيو.

رومانيءَ دور جي ادب ۾ انسانگي محبت، تصوف، يڪجهتي ۽ قوميت جي جذبي سان گڏ ٻيا عنصر به مليا آهن، قصا ۽ داستان ملندا - مثلاً ليلا مجنون، شيرين فرهاد، سسئي پنهون، سهڻي ميهار، عمر مارئي، روميو جوليٽ، رستم سهراب وغيره.

جهڙيءَ طرح ديومالا واري ساهت ۾ حقيقت جي جي پيٽ ۾ ڪلپنا جو ڀاڱو گهڻو آهي تهڙيءَ طرح رومانيت واري ادب ۾ وري بلند جذبات جو عناصر گهڻو آهي. جيتوڻيڪ ان جي بنياد ۾ به حقيقت لڪل آهي. مٿين پئرا ۾ ڏنل قصا ساهت ۾ اچڻ کان اڳ ۾ لوڪ ڪهاڻين جي روپ ۾ عام ماڻهن جي جيوت جو انگ ٿي چڪا هئا. صحتمند رومانيت حقيقي زندگيءَ کان منڪر ٿي نٿي سگهي. انگريزي ته ٽئگور پنهنجي هڪ ڪوتا ”رومانيت پسند“ ۾ چيو آهي، ”ماڻهو مونکي روماني چوندا، نيڪ آهي، مان هنن جي ڳالهه مڃان ٿو...... مگر هن حقيقي دنيا ۾ منهنجا سڀ رستا ڏنل وائتل آهن. مان انهو قرض ادا ڪرڻ ٿو چاهيان...جتي دک آهي، استري ڏهڪابل ۽ ڏڪاريل آهي، اتي مان رومانس جي رنگين چادر ڦٽي ڪري، لوهي زره پايان ٿو.“

ليڪن جڏهن ڪي رومانيت زندگيءَ کان منهن موڙي ٿي نڪري ٿي اها کوکلي ٿيڻ لڳي ٿي. پوءِ ان مان مبهمي، مايوسي ۽ فراريت ٽپڪندي آهي. گورڪي

جي لفظن ۾ اها "حقيقت دي رنگ ڏيڻ ماڻهن کي ان سان سمجهولو ڪرڻ لاءِ ڀريائي ٿي. يا ماڻهن کي حقيقتن کان دور وٺي ٿي وڃي ۽ اندروني دنيا جي بي معنيٰ ۽ بي مصرف گورک ڌنڌن ۾ ڦاسائي سمهارڻ ٿي چاهي، جئين فاني زندگيءَ جي ڳجهارت، موت وغيره مسئلا، جي خيال ذريعي نه، پر وگياني علم جي مدد سان ٿي حل ٿي سگهن ٿا."

اهڙي قسم جي رومانيت اڄڪلهه هندستان ۾ رهسيه وادي ۽ ڇاياوادي کي شعر ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. رهسيواد جي خصوصيت آهي آتما پرماتما، جيو جڳت وغيره بابت روحاني راز سلجهائڻ. ڇاياواد حقيقت کي ڇڏي ٻاهي پنيان ڀوڙندي ٿي رهي. اها آسمان جي تارن، بي مقصد ڀٽڪندڙ بادلن، بي پايان سمنڊ جي ڇولين جي ٿلهي ساراهه ۾ پاڻ کوهي ٿي ڇڏي، يا خيالي محبوب جي تارن، بادلن، لهرن، چنڊرما جي ڪرڻن ۽ سنڌيا جي روشنيءَ ۾ تلاش ڪري ٿي. اهڙي رومانيت جون جهلڪون سنڌي شاعريءَ ۾ به موجود آهن. مثلاً سرڳواسي نرمل جيوتاڻي هڪ شعر ۾ چوي ٿو:—

ڪڪر ڪٿي آيو هو آڪاس تان
گنگا سنڌو ڪٿي هو ڪئلاش تان
ڪٿي دنيا گلشن وڏي آس سان
اُهو دليون معطر سڳنڌس واس سان
سڄو عمر جل جي اڇل ۾ چلي ويو
مونکي مدهو محبوب ڪال ۾ ملي ويو

اڄ ڪالهه ناولن ۽ آڪاڻين ۾ اسپاويڪ ڳالهين جي گنجائش ڪانهي. اهم اسين پنهنجي زندگيءَ جو ٺيڪ عڪس ڏسڻ چاهيون ٿا. انهن جي هڪ هڪ سٽ، هڪ هڪ ڪردار کي حقيقت جي روپ ۾ ڏسڻ ٿا چاهيون، انهن ۾ جيڪو ڪجهه هجي سو ان طرح هئڻ کپي جئن ساڌارڻ پڙهندڙ يا شخص، انکي حقيقت سمجهي."

سوال ٿو اٿي ته حقيقت کي ڪيئن پيش ڪجي؟ جئن جو تئن انجو نقل ڪجي يا ان کي تنقيدي يا تخليقي نگاهه کان پيش ڪجي؟ ان سوال جي جواب مان حقيقت نگاريءَ جا چار نمونا پيدا ٿيا آهن: ١- فوٽوگرافڪ حقيقت نگاري يا فطرت نگاري ( Naturalism ) ٢- تنقيدي حقيقت نگاري (Critical realism) ٣- تخليقي حقيقت نگاري ( Creative realism ) ۽ ٤- سماجوادي حقيقت نگاري (Socialist realism).

## فطرت نگاري

هن جو جنم داتا مشهور فرينچ ليکڪ ايملي زولا هو. هيءَ ڌارا حقيقت کي هوبهو پيش ڪرڻ جي قائل آهي. اها قدرت کي باريڪ ۾ باريڪ روپ ۾ پيش ڪري ٿي ۽ تفصيلن جا ايترا ته ڍير پيش ڪندي آهي جو ان ۾ سماجڪ حقيقت گويا گم ٿي ويندي آهي. انکري سماجڪ زندگي هڪ طرف ته ان جا مسئلا ۽ اخلاقي قدر ٻئي طرف نظرانداز ٿي ويندا آهن. هيءَ

قدرن کي نہ وساريو آهي، اُلٽو انهن جو اُتر ۽ ويچار ڪيو اٿن جو ڪن رچنائن جي پڇاڙي آدرشوادي ٿي پيئي آهي.

نوجوان ليکڪن جي شروعاتي ڪهاڻين ۾ پڻ فوٽوگرافڪ حقيقت نگاريءَ جون جهلڪون ملن ٿيون. مثلاً: عبدالستار جي "رحيما"، آنند جي "سگ"، رام امرلعل جي "انساني مرغي"، ڪيرت جي "لرس ايند محبت جو زمانو"، سگن جي "هي آگ جلن تا پروانا"، ڪلپنا جو ناول "آوارا" وغيره، جن ۾ ڪٿي ڪٿي جنس جو اُگهاڙو ذڪر ملي ٿو.

## تنقيدي حقيقت نگاري

شرت چندر فوٽو گرافڪ حقيقت نگاريءَ جي باري لکيو، "ڪلا انسان جي رچنا آهي، اها پرڪرتي ناهي. سنسار ۾ جيڪو ڪجهہ ٿئي ٿو، تمام گنديون ڳالهيون ٿين پيئون، اهو ساهتڪ سامگريءَ لاءِ ناهي. پرڪرتيءَ يا سماج جو هوبهو نقل ڪرڻ فوٽوگرافي ٿي سگهي ٿي، ليڪن ڇا ان کي چتر چئبو؟ روزانين اخبارن ۾ ڪيترين آنند ڏيندڙ، ڀيانڪ گهٽنائون ڇپجن ٿيون، ڇا اهي ساهت آهن؟... اهي سچ ٿي سگهنديون پر نہ سچو ساهت."

يورپ جو مشهور ناول نويس بالزڪ، سرت چندر کان ١٠٠ سال کن اڳ ۾ هن وانگر سوچيندي تنقيدي حقيقت نگاريءَ جو باني ٿيو. يورپ جي ٻين مشهور

جي آهه"، وغيره، جيڪي ١٩٣٠-١٩٣٣ع ۾ ڇپيل آهن. هنجي ڪن ڪهاڻين ۾ تخليقي حقيقت نگاري پڻ نظر اچيتي. مثلا "انقلاب" ڪهاڻيءَ ۾ نانڪا زهده پهنجي پسندي خلاف شادي ڪيل مڙس ڪي ڇڏي وڃيتي، جو هو ڪيس جيون ساٿي بدران ڪيڏ وٽو سمجهيتو. ٻي ڪهاڻي "اَڇوت" ۾ هڪ برهمڻ جوان ۽ اَڇوت جواڙيءَ جي محبت ۽ ميلاپ ڏيکاريل آهي.

نادر بيگ ڪانسواء ٻين بزرگ ليکڪن، جن ڪهاڻيءَ ۾ تنقيدي حقيقت نگاري کي پيش ڪيو آهي، سي آهن- پريداس پيرومل، اَمرلعل هگوراڻي، شيوڪ موٽواڻي، آسانند مامتوراء، عثمان علي انصاري ۽ لطف اَلله بدوي. اَمرلعل جي ڪن ڪهاڻين ۾ تخليقي حقيقت نگاريءَ جي جهلڪ پڻ ملي ٿي، جئن سندس شاهڪار ڪهاڻي "اَدو عبدالرحمان" مان ظاهر آهي.

شيوڪ موٽواڻيءَ جي ناول "آشيرواد" (١٩٣٦) پهريون ڪامياب اصلوڪو ناول آهي جنهن ۾ تنقيدي حقيقت نگاريءَ کي پيش ڪيو ويو آهي. ناول ۾ قومي ۽ سماجڪ جيون جو چٽر چٽيل آهي ۽ وڌوا وواهه جي زوردار حمايت ڪيل آهي. پروفيسر رام پنجواڻي ۽ نارائڻداس ڀمڀاڻيءَ جي ناولن "لطيفا" ۽ "وڌوا" ۾ پڻ هن ڌارا جون جهلڪون ملن ٿيون.

سنڌي ناٽڪ ۾ تنقيدي حقيقت نگاري کي پيش

منظور قريشي، گلزار احمد، بيدل مسرور، ممتاز مهر، نسيم ٿيٻو وغيره.

## تخليقي حقيقت نگاري

سماجڪ زندگي ڪا سدي سنئين ۽ بيٺل چيز ناهي. اها بدلبي رهي ٿي. انڪري حقيقت پڻ بدلبي رهي ٿي. انڪانسواءِ سماج کي هڪ طبقو هڪ نظر سان ڏسندو ته ٻيو ٻيءَ نظر سان. انڪري ليکڪ کي صرف حقيقتن کي تنقيدي نگاهه سان پيش نه ڪرڻو آهي، پر انهن جي جدا جدا تصويرن ۽ تضادن جي تهه ۾ وڃي، انهن سان جنسي جنگ جوٽي صحيح تصوير چونڊي پيش ڪرڻي آهي، ڇو ته بقول گورڪي: "ليکڪ نه صرف قبر کوٽڻ جو ڪم ڪري ٿو، بلڪ هڪ دائيءَ جو به ڪم ڪري ٿو." اهڙي ليکڪ کي تخليقي حقيقت نگار چئجي ٿو. هو نه فقط حقيقت جو چٽر چٽي ٿو، پر انکي بدلائڻ لاءِ پڻ ڪوشش ڪري ٿو، نه رڳو زندگيءَ جي تنقيد ڪري ٿو، پر ان کي بهتر بنائڻ لاءِ پيغام پڻ ڏئي ٿو، ڇو جو هو عڪاس نه آهي پر نقاش آهي.

سنڌي ساهت ۾ هن ڌارا کي گهڻي ۾ گهڻي اوج نوجوان ترقي پسند اديبن ڏني آهي، جيڪي ١٩٤٢ واري هلچل جي دور ۾ ساهتڪ ميدان ۾ لهي پيا. هنن ۾ موجوده سماج خلاف بغاوت ڪرڻ جو جوش ۽ جذبو آهي. جنهن سان ڪو به سمجهوتو نه ڪري، هر هڪ

گلي سدارنگاڻيءَ جو ١٩٤١ ۾ لکيل ناول "الحاد" اسانجو پهريون تخليقي حقيقت نگاريءَ وارو ناول آهي. انهن هندو مسلم ايڪتا، انترجاتي شادي، استريءَ جي آزادي ۽ برابري ۽ ساميواد جي حمايت ڪندي، حقيقت جي تخليقي صورت پيش ڪيل آهي.

ورهاڱي کانپوءِ تـــ تخليقي حقيقت نگاريءَ واري سنڌي ناول ته ڪافي ترقي ڪئي آهي. اهڙا ناول ٢٥-٣٠ ٿيندا، جنجا ليکڪ آهن: گوبند مـــالهي، سندري اتمچنداڻي، موهن ڪلپنا، ڪلا پرڪاش، پوپٽي هيرانندائڻي، ارجن سڪايل، موتي پرڪاش، چندولعل جئسنگهاڻي، سندر حشمترا ۽ وغيره. هنن ليکڪن مان ڪن ان ڏارا جو ڀرپور چٽر ته ڪن رڳو جهلڪ پيش ڪئي آهي. سنڌ ۾ اهڙو ناول آهي عثمان ڏيپلائيءَ جـــو "سانگهڙ"، جيڪو هرن جي زندگيءَ جي ترجماني ڪندڙ آهي.

ڪلپنا جي رپورتاژ "اجا رات باقي آهي" ۾ پـــڻ تخليقي حقيقت نگاريءَ جون جهلڪون ملن ٿيون.

ساڳيءَ طـرح پروفيسر ملڪاڻي، مـــالهي، بسنت، ڪيرت، سندريءَ، گوورڌن ڀارتـي، هرڪانت، جيون گرسهاڻي، موتي پرڪاش، ڪلپنا، ڏيپلائي، سراج، آغـا سليم، مراد مرزا، شمير چنا جي ناٽڪن ۾ بـ اسانکي تخليقي حقيقت نگاريءَ جي صورت نظر اچي ٿي.

## سماجوادي حقيقت نگاري

زندگي هڪ پيچيدي حقيقت آهي ۽ سماج سدائين آسان مان پيچيدي ٿيڻ ويٺي آهي. انڪري اڄ ڪامياب ليکڪ لاءِ انساني وڪاس ۽ سماج جي تبديليءَ کي سمجهڻ ضروري آهي، جهڙيءَ طرح تيز نگاهه ڪپي، سا مارڪسواد ئي ڏيئي سگهي ٿي. مارڪسواد جهڙي وگياني فيلسوفيءَ ۾ وشواس ڪندڙ ليکڪ حقيقت کي سماجي ۽ تاريخي پس منظر ۾ ڏسيٿو ۽ سوچي سمجهي حقيقت جي اڳتي وڌندڙ روپ کي پيش ڪريٿو. اهو ليکڪ سماجوادي حقيقت نگار سڏجي ٿو. هيءَ ڌارا ليکڪ کان تقاضا ڪري ٿي ته هو زندگيءَ ۽ اُنجي انقلابي وڪاس جو سچو ۽ اتهاسڪ طور صحيح چٽر چٽي. ليکڪ اهو تڏهن ڪري سگهندو، جڏهن هو اڄ ۽ سڀان جي حقيقت ڪي صحيح نموني ڏسندو ۽ اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ هلندڙ ڪشمڪش سمجهي سگهندو. اها نواڻ ۽ جهوناڻ جي جدوجهد ئي سماجوادي حقيقت نگاريءَ جو مکيه جزو آهي. ان ڌارا جو جنم داتا هو مئڪسم گورڪي.

هن حقيقت نگاريءَ جي عمر تمام ننڍي آهي، انڪري ٿوري ساهت ۾ ان ڌارا واريون رچنائون تمام ٿوريون آهن. ليڪن مستقبل ان ڌارا جو ئي آهي. انجو اهو مطلب نه ڪولهي ته هاڻي تنقيدي ۽ تخليقي حقيقت نگاري جي اهميت ڪانهي.

گوبند پنجابيءَ جون "هوءَ موٽي آئي" ۽ "اُس سڄ اکيون" آنند جون "ڪوڏڙو" ۽ "چرلو" چيتانند لاب جون "نوان پورهيت" ۽ "انوکو ميلاپ" سگڻ آهوجا جون "مان سوچيندو آهيان" ۽ "مائي باپ" ڪيرت جون "پاڪستان ڪي الوداع" ۽ "لڄي" اُلم جون "پيريءَ جو توشو" ۽ "قافلو وڌندو رهيو" ڪرشن کٽواڻيءَ جون "گيتا" ۽ "آشا" سندريءَ جون "ممتا" ۽ "تفاوت" ڪهاڻيون هن ڌارا واريون ڪهاڻيون آهن. هنن ليکڪن جي ڪن ٻين ڪهاڻين ۾ به انجي جهلڪ نظر اچي ٿي.

مالهيءَ جي ناول "زندگيءَ جي راهه تي" سندريءَ جي ناول "ڪرندڙ ديوارون" ۾ سماجوادي حقيقت نگاري پيش ڪيل آهي ۽ هنجي ناولن شرم ٿئي ۽ پرڀت پراڻي ريت ترالي ۽ سراج جي تازي شايع ٿيل اتهاسڪ ناول "پڙاڏو سو سڏ" ۾ پڻ هن ڌارا جون جهلڪون ڏسل آهن. هنن ٿڌي ليکڪن ۽ ڪيرت جي ڪن ناٽڪن ۽ اياز جي سنگيت ناٽڪن ۾ پڻ اها ڌارا پيش ڪيل آهي.

## شعر ۾ حقيقت نگاري

حقيقت نگاريءَ جي ڌارا نه رڳو سنڌي نثر جي جدا جدا شاخن تي اثر ڪيو آهي، پر خود سنڌي ڪويتا تي پڻ ڀرپور پرڀاءُ وڌو آهي.

# اڄ ئي هيٺيان ۽ ٻيا ڪتاب گهرائي پڙهو

سنڌي نثر جي تاريخ (ليکڪ پروفيسر ملڪاڻي) ١٢-٥٠
واريءَ ڀريو پلاند (نارائڻ شيام جون ڪوتائون) ٢-٠٠
ڪوهل جو ڪلام ١-٠٠
گانڌي سولو (سنڌيڪار - وشنداس ڇڳنياڻي) ٢-٥٠
شاهه، سچل، سامي (ليکڪ ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ٻيا) ٢-٠٠
هڪ پرش ٻه استريون (ڊاڪٽر سڪاپل جو ناول) ٢-٠٠
ڪوهه ۽ باهه (ڊاڪٽر سڪاپل جو ناول) ٢-٠٠
ليمن (سڪاپل جو نهرو امن انعامي ڪتاب) ٢-٥٠
سونهري ڪرڻا (ڪيمچند سمن جون ڪهاڻيون) ١-٢٥
ساهتيه سار (ليرت بسنت جو ڪتاب) ٥-٠٠
وسنت ورکا ( ” ” ” ” ) ٣-٠٠
صراحي (عزيز جو ساهتيه اڪيڊمي انعامي ڪتاب) ٥-٠٠
آدبي آئيڊو (عزيز جي مضمونن جو ڪتاب) ٣-٠٠
سامي (عزيز جو، سنت ڪويءَ باٻت ڪتاب) ٢-٢٥
غريبان مار (عزيز جو لکيل وڏو ناٽڪ) ٢-٠٠
آبشار (عزيز جي شعرن جو مجموعو) ٢-٠٠
گل وخار (عزيز جو تنقيدي ڪتاب) ٢-٢٥
بيما (نرمل جيوتاڻيءَ جو ناول) ١-٥٠
بيلا (منشي پريمچند جي هت امرتراء جو ناول) ١-٠٠
سوويت سرڳ (ليکڪ آلم) ٠-٧٥

نئين دنيا، اي-٤، هيرا باد مينشن، سيتلاديوي روڊ، بمبئي-١٦

# ٽڪڙي ۽ صحيح سپلاءِ واسطي

فون ڪريو نمبر ۳۵۲۵۵۱ تي

اچي ڳڏجو

# پيگوني ائنڊ ڪمپني

لکپڙه ڪريو

**پتو: ۳۲۱، ويٺلڀائي پٽيل روڊ، بمبئي-۴**

موٽر لارين جي سڀني گهرجن لاءِ

**اسانجي اسپيشل لائين آهي** — اسٽئنڊرڊ ۲۰-
هيرلڊ - اسٽئنڊرڊ ڏهه هارس پاور ۽ وئنگارڊ.
انکانسواءِ آلمبسيڊر - فيات ۽ بسين
انگريزي لارين ۽ موٽرن وغيره لاءِ
اسان وٽ اچو.

# ببوس جي شاعري

بيوس اسانجو پهريون شاعر هو جنهن جديد سنڌي شاعريءَ لاءِ هڪ نئين راه کولي- حقيقت نگاريءَ جي راه، جيڪا زندگيءَ جي نوس حقيقتن ۽ عمل جي راه آهي. بيوس کان اڳي، اڪثر سنڌي شعر تي رومانيت جي ڏارا جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جذبات پرستي، سجاوٽ، انفراديت ۽ رنگين تصور، رومانيت جون خاص خصوصيتون آهن. انهي حقيقت ۽ عقل کي هيٺائون درجو ڏنو ويو ٿو. ٻئي طرف حقيقت نگاري، زندگيءَ جو حقيقي چٽر پيش ڪري ٿي، جنهن ۾ جذبات، سجاوٽ، انفراديت ۽ رنگين تصور کي هيٺائين جڳهه ڏني وڃي ٿي. ٿوري ۾ رومانيت ۽ حقيت نگاريءَ ۾ اهو فرق آهي ته هڪ ۾ جذبات جي حڪمراني هوندي آهي ته ٻئي ۾ حقيقت جي.

ڪشنچند تيرتداس "بيوس" جو جنم ١٨٨٥ع ۾ ٿيو جنهن سال ڪانگريس وجود ۾ آئي. انوقت هندستان ۾ انگريزي حڪومت جي پاڙ ڪافي پڪي ٿي چڪي هئي. 1857 واريءَ بغاوت جي ناڪاميابيءَ صاف ڏيکاريو ته هندستان جو جهونو جاگيرداري نظام، انگريزن جي آندل نئين سرمايداري نظام اڳيان ست نه جهلي سگهندو، جو نـ

اهو پنهنجا ڏينهن پورا ڪري چڪو هو.

انگريزن جي اچڻ سان هندستان ۾ هڪ نئون طبقو وچولو طبقو پيدا ٿيو، جيڪو انگريزي تعليم، ريتين رسمن کان خاص متاثر ٿيو ۽ جنهن هندستان جي جهوني سماج کي سڌارڻ ٿي چاهيو. اهڙي طرح ملڪ ۾ سماج سڌار هلچل شروع ٿي، جنهنجا باني هئا راجا راء موهن راء ۽ سر سيد احمد خان.

هن هلچل سان گڏ ٻي هڪ سوديشي هلچل پڻ شروع ٿي، جنهنجو وري اُديش هو، ڌاريءَ شيءِ بدران پنهنجي ديسي چيز واپرائڻ ۽ اُن لاءِ سڪ پيدا ڪرڻ. اها سوديشي هلچل، ڦري قومي هلچل بڻي، جنهن ۾ هندستاني جنتا سرگرم ڀاڱو ورتو ۽ انگريزن جي ظلم ۽ زور زبردستيءَ جو مقابلو ڪيو. انهن ٻنهي هلچلن جو دور جي ساهت تي وڏو اثر ٿيو.

اسانجي سنڌ پڻ ان اثر کان آجي نٿي رهي سگهي. بيوس وچولي طبقي مان آيو هو ۽ اسڪولي ماستر هو. هنجو ان وقت جي حالتن کان متاثر نه ٿيڻ عجب هو. هنجي شروعاتي شعر ۾ اسانکي ڪيترائي سڌار وادي وشيه نظر اچن ٿا، پر جئن جئن قومي هلچل زور پڪڙڻ لڳي ۽ روسي انقلاب جو اثر هندستان تي ٿيڻ لڳو تئن تئن هنجا موضوع پڻ بدلجڻ لڳا. اُهي سڌار ۽ سوديشي هلچل جي وشين کان اڳتي وڌي، آزادي ۽ ايڪتا،

انسانيت ۽ شانتيءَ ۽ برابريءَ ۽ برادريءَ جو سبق ڏيڻ لڳا.

بيوس جيئن زندگيءَ کي ڏٺو، تيئن ان جو چٽو چٽيو اٿس. نه صرف ايترو پر هن ٻولي به سليس ۽ سهڪ ڪم آندي آهي. انڪري هنجي ڪوتا لوڪپسند ٿي پيئي آهي. جنهن وقت قدرت جي نظارن جو بيان ڪري ٿو، انوقت اهي نظارا اکين آڏو ڦرڻ لڳن ٿا. نديءَ بابت چوي ٿو:-

ڪيئن ۾ جي خوشيءَ سان، ڪنهن ويو پيو ڀايان،
پسدار سرڪتن سان، سرسبز سي ٿيايان،
گلزار ۾ گلن جا، ڪي رنگ ٿي رچايان،
ڌرتيءَ جي فرش تي ٿي ته مخملي وڇايان.
منهنجي ڦڙي ڦڙي ۾ جلوو ۽ جان آهي،
هر جيو جي رڳن ۾ منهنجو نشان آهي.

سچ پچ ان ٻولين ٻند ۾ موڪلي ايتري نه زندگي ۽ حرڪت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جيڪا بيوس جي ٻين شعرن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. اهو ٻند جيترو ٿي سليس آهي، اوترو ٿي سچائيءَ سان نمتار آهي.

بيوس مکڙيءَ جي بيتابيءَ جو ڪيئن نه دلڪش نموني ۾ ذڪر ٿو ڪري:-

سرهي سگند آهيان، ٻاهر اچڻ ٿي چاهيان،
هي ڪوٺ ڪيئن ٻاهيان، پردي جو ٻند لاهيان؟

ڪڏهن ٻهار ايندو،
ڪوهيو خلاص ٿيندو؟

انڪي جي جوانيءَ جي ابتدائيءَ جو اظهار چٽيءَ نه
جڳائي- اها جواني جيڪا معصوم آهي، پاڪ آهي.
آسمان کي مخاطب ٿيندي ٻڌوس، تشبيهن سان
نمبار ڪونا ۾ چوي ٿو:-

ٿيزي نظر نهارڻ، ڏرڻيءَ ۾ پاهه پارڻ،
ماني نگهه سان ٺارڻ، ٿو هيت ڪيو هارڻ،
تنهنجا ٻــ تيڙ نيارا، سڀ ڇڏ ٺاٺو وارا.

ٻڌوس محبت ۾ ٻه چار شعر مس لکيا آهن. ٻــر
جڏهن سمجهيدي ۽ صحتمند پڻگه سان انجو ذڪر ڪري
ٿو، سو داد لائق آهي. "شڪنتلا" جي پيار جو ورڻن
ڪندي ٻڌوس، هندستاني استريءَ جي دل جو نقش
چٽي ڇڏيو آهي. شڪنتلا چوي ٿي:-

چوي دل لکي ڏي، لڄ ٿي جهلي،
ڏرم ۽ شرم ٿو پرت ڪان ٻلي،
حيا جي حڪومت هــٿن ٿي هلي،
ڪيا ٿي، سگهان سوز دل ڪيئن سلي؟
اي انسو، ۽ ٻــرلم دوا! چا لکان؟
ٻنا پر پرهه جو لکڻ ڪيئن سکان؟

ليڪن ٻڌوس استريءَ کي مرم جو مالڪ سمجهندي
۽ هنکي مرد جو همراه ٿو سمجهي ۽ هنجي اوائيءَ جي

تقاضا نه ڪري. بيوس ٿورن جديد سنڌي شاعر آهي جنهن استريءَ جي آزاد ۽ برابر هستيءَ جي ضرورت محسوس ڪرائي آهي. چوي ٿو:-

ان پرن سان ٿي پکي پرواز ٿو پورو ڪري،
هڪ پرو هرگز اڏامي سگهي، جو لاچار آهه،
اڌ رنگي انسان جنهن جو اڌ زنده ۽ اڌ مئل،
ڇا ڪندو ترقي، پلا جو خود ئي خود بيمار آهي.

بيوس جو قومي شعر ڌارين جي غلاميءَ خلاف نفرت، ملڪ لاءِ محبت، ايڪتا ۽ قوميت جي جذبي سان ٽمٽار آهي. اهو اهڙو نه لوڪپسند آهي جو ڪيترن موقعن تي ڳايو ويندو آهي. ان شعر کي ڇپجي اڄ ٣٠، ٣٥ سال ٿي ويا آهن ته به اڃا دلين ۾ پيو گونججي ۽ ڪنهن وقت وات مان نڪريو وڃي:-

”پيارا سهندو پٽيون ٽيندو، غلاميءَ ۾ نه گهاريندو،
ڏنو جنهن کي نديي هوندي اٿو آزاد اوراٽو.“
”اهي ماتر پٽي مرڪن جي ٻارن ۾ لوڻي ڏين،
نه صدقي ديش تان تن من ڪري ڇهڙي نه پيي خدمت،
جگر پنهنجا ڪڍي ڏيندا، مٿو اولاد موڪيندا،
اهائي پاس ٻاسيندا، رهجي ملڪ جي عظمت.“

ٻوٻاڙن شعر نه سچ پچ لوليءَ جو درجو حاصل ڪري چڪو آهي. ليڪن جڏهن بيوس ڏسي ٿو ته ماڻهو ملڪ تي صدقي ڪرڻ بدران ڌرم ۽ مذهب جي ڪٽرپڻي تان

صدقي ٻڌڻ لاءِ اوليءَ ٻيون ڏيئي، تنهن درد وچان پڪاري ٿو:-

ساز هنديءَ ۾ سُرن جي ملاوٽ نه رهي،
ڪاڻ اتفاق ۽ اتحاد جي عادت نه رهي،
هرڪو ٻڌي پنهنجي ۾ ٻيوس ٿو نيارو ڏسجي،
هاءِ! اڄ هندستان مٿان ڌنڌ ٿو ڪارو ڏسجي.

ٻيوس ان نفاق کي دور ڪرڻ لاءِ، جنهنجي ضرورت محسوس ڪئي، سا هئي قوميت. هو قوميت کي مخاطب ٿي چوي ٿو:-

"جان پوي تنهنجي نظر تي، تنهنجي اوچي چوٽ تان،
سڀ تفاوت جا جبل ڏسجن ٿا واريءَ ڪوٽ جان:
مختلف هستين ۾ آڻي محبتي ميلاپ تون،
ٻي سُريلي ساز کي ميلي ڪيڏين آلاپ تون."

ٻيوس جا هي شعر "قوميت" ۽ "انسان" آڪٽوبر ۽ ڊسمبر ١٩٣٥ ۾ منشي پريمچند جي سمپادڪيءَ هيٺ نڪتل هندي اخبار "هنس" ۾ ڇپيا هئا، جي شري شيوڪ ڀوڄراج ترجمو ڪيا هئا. منهنجي سمجهه ۾ جديد سنڌي شاعريءَ جا اهي پهريان شعر هئا، جي هنديءَ ۾ ڇپيا هئا.

غريب مظلوم انسان لاءِ همدرديءَ جو احساس ته ٻيوس جي رڳ رڳ ۾ سمايل هو، جو نه فقط پنهنجي زندگي هستي وچ ۾ گذاري هئي. هو هميشه ڏکين حالتن بابت

لو ڪري، انهن جنن ڪولي اسلام ٻڌائي ٻرهما کي پيار ڪيو آهي ۽ هروقت انهن در ٻهاڳي آزادانا ڪمدو آهي نه شل هيڪي ڪوسو واڪ نه اڪي. اهڙي ئي آلاه امدگ وچان چوي ٿو:-

"الا جهڙي م شال غريبن جي جهوپڙي،
جنهن ۾ مزو مڙي متي ٻه ولي جوار لي،
سادو گذر وجهي نه طعمن لذوار لي،
ٻرهيو وجهي ٿو واڻ وڏاري جمار لي،
غالب ٿئي نه حرص خوشيءَ جي خمار لي،
بيوس جتي ڀلائي نه چنتا جي چوچڙي،
الا جهڙي م شال غريبن جي جهوپڙي."

هيءُ شعر اهڙو نه چٽو آهي، جو جهوپڙيءَ جي زنده تصوير اکين اڳيان ڦري ليکي ٿي. نه صرف هڪ جهوپڙي پر سڄو ڳوٺ اچي ٿو سامهون بيهي- اهو ڳوٺ جتي هندستان جو لکين آدم اهڙي جيوت گذاري ٿو. شعر ۾ اهڙي نه مقناطيسي ڪشش ڀريل آهي، جو ٻڌڪ بيوس سان گڏ بيوس ٿي چوندو:-

"الا جهڙي م شال غريبن جي جهوپڙي."

هڪ انسان هئڻ، ٻيو انسان ڪيئن لو ٻيڙجي، ليکن جي چتر چٽڻ جو شرف ان ٻهراڻ بيوس کي عطا ٿيو آهي. هيئا شعر "هاءِ هاري" ۽ "ٻرهمڻ" انها زنده مثال آهن. انهن ۾ هاري ۽ مزدور جي جيوت جي

حقيقي تصوير اکيان آڏي ٿو بيهاري، جنهنکي پڙهندي انساني لوٽ کسوٽ ڪندڙن خلاف نفرت هڪ طرف ٿي پيدا ٿئي ٿي ته هاريءَ ۽ مزدور لاءِ همدردي ٻئي طرف ٿي پيدا ٿئي. هاريءَ کي چوي ٿو:-

تنهنجي تصوير منجهان قوم جو ڪيناءُ بکي،
تنهنجي بدحال منجهان عام جو ايذاءُ بکي.
مات تنهنجي مان غضبناڪ ٿو غوغاءُ بکي،
جان جنهن پنهنجي جفن ۾ پگهاري ڳاري،
ته به دلاور ٿي اڃا دل نه ٿو هاري، هاري!

۽ جڏهن شاعر هاريءَ کي روشن آئيندي جي اميد ٿو ڏيائي، تڏهن اسانجي دلين ۾ پڻ خوشيءَ جي لهر اڀري ٿي. چوي ٿو:-

”آءُ ڏس جوانش نظر سان کول هن همت جي ٿري،
جنهن سدا سنسار ۾ ڪنهنجي نه اڄ تائين سري،
ڪنهن نه آهي بخت جي بهتر نشاني سان ٻري،
مال، ڌن، عزت ٿي آهي سوڀ ان جي سرسري،
اٿ، اٿي چاڙهو نظر سان ڌر نصيبن تي نظر،
جا بجا پورب، اڀر ۾ آهه پورهيت جي لهر.“

۽ پوءِ پورهيتن کي للڪاري چوي ٿو:-

مالڪاڻي چهڙي ۾ پڙجڻ ڪيسين روا؟
پنهنجي دل جي پڙ الدر پڙجڻ ڪيسين روا؟

هڪ شعر ۾ محنت جي ڏسو نه ڪهڙي نه وڏائي

ٿو ڪري :-

”قيمتي هيري ڪٽيءَ ڪـــان آهه قطرو قيمتي،
خون جو، هاريل خوشيءَ سان پر ٻکهر جي واسطي.“

هڪ طرف بيوس پورهيتن جي پورهئي جي وڏائي ڪري ٿو ته ٻئي طرف هو شاهوڪارن جي لوٽ ڪسوٽ جو پانڊو ڦوري ٿو. ”شاهوڪار“ شعر ۾ شاهوڪارن کي مفت خور، خون چوس، آزاريندڙ زار، ٺڪاري وغيره لقبن سان ياد ڪري ٿو ۽ پڇاڙيءَ ۾ چوي ٿو:-

جئن وڏيو ڌن مان، رکيو شان شاهوڪار جو،
تئن وڌيو، دنيا ۾ باعث زار جي آزار جو.

بيوس هن بند ۾ سچي ڳالهه جي سچائي ظاهر ڪئي آهي. هي ٻه سٽون ئي، سرمايه‌داري نظام جي لعنت کي اگهاڙو ۽ بي نقاب ڪن ٿيون. جديد سنڌي شاعريءَ ۾ هي پهريون دفعو هو، جو بيوس ”زار“ کي ايذائيندڙ آزاريندڙ يعني لوٽ ڪسوٽ ڪندڙن جو عيوضي نشان ڪري ڪتب آندو. هن کان اڳي ٻئي ڪنهن شاعـــر پنهنجي شعر ۾ ”زار“ لفظ ئي استعمال نه ڪيو هو.

اسان کي خبر آهي ته زار، رشيا جو شهنشاه هـــو، جنهن جي ڪيل ظلم ۽ آزار جي، ١٩١٧ واري آڪٽوبر سوشلسٽ انقلاب، سدائين لاءِ پاڙ پٽي ڇڏي. اهـــو انقلاب، لينن جي رهبريءَ هيٺ آيل هو، جنهن جو نه فقط اسانجي سنڌ تي، پر سموري سنسار تي پرڀاءُ پيل

آهي. ليوس، جنهن سلسلي ۾ لکندي شعر ۾ "زار" لفظ جو استعمال ڪيو آهي، اهو ئي ڏيکاري ٿو ته هن آڪٽوبر انقلاب ۽ سوشلسٽ خيالن جو اثر جهٽيو هو. ان حقيقت جي تصديق خود ليوس جي هڪ مڪتوب، پيروڪار پروفيسر رام پنجواڻي ڏانهن ١٧ سيپٽمبر ١٩٦٧ واريءَ "هندواسي" ۾ ڇپيل لکندي ليک ۾ ڪئي آهي ته "ليوس سوشلزم جو سهائڪ هو ۽ ڪميونزم جو ڪانڪي هو." ۽ اهو هڪ مکيه سبب هو جو ليوس نه، فقط شاهوڪارشاهيءَ واري سرشتي جي اوگهڙ ڪئي آهي، پر هتي ذڪر ڪيل ان سٽن جي شعر ۾ سرمائيداريءَ جي آزار جو سبب ۽ انجي خصوصيت پڻ پڌائي آهي، جا آهي شاهوڪار جو وڌيڪ شاهوڪار ٿيڻ. ۽ جڏهن شاهوڪار وڌيڪ شاهوڪار ٿيندا، تڏهن غريب وڌيڪ غريب ٿيندا ۽ آزار، جيڪا حقيقت اڄ به اکئين ڏسون وينا.

ليوس اڃا به اڳتي هلي پڌائي ٿو ته ڪيئن نه هن سرمائيداري سماج ۾ هرڪا چيز "ناڻي" تي ٿي وڪامي، حڪومت پڻ هڪ "واپاري راڄ" آهي ۽ "عوام کي عوام جي هٿسي لي به اختيار ناهي." جڏهن هيٺين ڪوتا ۾ چوي ٿو:-

نياءُ پڻ ناڻي وڪامي اُهو واپاري راڄ ۾،
ڪورٽون ڪلدار لئه، لاچار کي آڌار ناهه.
لٺ رهي سو ڀڏ ڪانو، لڙڪ لوهوءَ سان پيل،
عام جي اڳسي مٿان، جنهن عام کي اختيار ناهه.

ليڪن بيوس کي يقين آهي ته هي ”واپاري“ نظام گهڻو وقت نه هلندو، ضرور بدلجندو، ڇو ته هن دنيا ۾ هر ڪا جهوني چيز بدلجندي رهي آهي ۽ نئين چيز اُنجي جڳهه وٺندي رهي آهي ۽ جيڪو شخص پنهنجو عقل هلائي، ان نواڻ واريءَ چيز جو ساٿ نٿو ڏئي، سو پاڻ لاءِ مصيبت ٿو خريد ڪري، جيئن هڪ شعر ”نوائي“ (نواڻ) ۾ چيو اٿس:-

عيب شايد ٿئي سيان، اڄ ٿي نزاڪت جنهنکي،
سا ڪٿي چيز، نه تبديل جي عادت جنهنکي،
ٿي هنرمند نوائيءَ جي نه ڦيري سان ڦري،
تنهنجي تقدير چڙهي چوٽ ٿي، بيوس ٿي ڪري.“

اسانجي هن لوڪ-پياري ڪويءَ برابر پاڙڪي، نوائيءَ جي ڦيري سان ڦيرايو ۽ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نئين زماني جي جهلڪ پسائي ۽ پهرئين ترقي پسند شاعر هئڻ جو شرف حاصل ڪيائين. هڪ طرف، بيوس جديد سنڌي شاعريءَ ۾، ترقي پسنديءَ جي شروعات ڪرڻ جي دڳ ڏني، ته ٻئي طرف قدامت پرستيءَ کان به هو پنهنجا پلاند آجا ڪرائي نه سگهيو، جيئن خاص ڪري هنجي ”سامونڊي سپون“ وارن شعرن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهن ڪوتائن ۾، بيوس ويدانت وارا جهونا آتمڪ رهسيه ۽ روحاني راز پيش ڪيا آهن، جيڪي جديد وگيان ۽ نئين زماني جي حقيقتن سان

اڻ ٺهڪندڙ آهن. اهو بيوس جي شاعريءَ جو هڪ تضاد آهي.

ويدانت جي ويچارن مطابق هي سنسار مايا آهي، سپنو آهي، ايشور جو کيل آهي ۽ ايشور، انسان ۽ جڳت جي وچ ۾ ڪوبه تفاوت ڪونهي. رڳو انسان جي اکين تي اگيان (بي علمي) ۽ اهنڪار (غرور) جو پردو چڙهيل آهي جو هو پاڻ کي، اپائڻهار کان الڳ پيو سمجهي. انهن خيالن وارا بيوس جا ڪي شعر هيٺ ڏجن ٿا:-

١- سپني جي سنسار منجهي ڇو موهيو من مستانو آهه،
دنيا جهڙي ڪچي ڇڄي ٿي، سو پاڻ مسافرخانو آهه.
٢- ڪايا پلٽ جڳت جي آهي، دؤر دنيا هن فانيءَ جا،
ڪرڙا کيپ تو ڪٽي چاڙهيا، مورک من مستانيءَ جا.
٣- ٿي محل-مايا اندر محلات جي راڻي رهي،
ماهتابي منهن مثل تي آهه وارن جو نقاب.
٤- جي پسان خاڪيءَ ۾ باقي ۽ فنا اندر بقا،
مڪت ڪان سنسار بعد ۾ سرس سرهائي اچي.

هنن شعرن مان نظر اچي ٿو ته بيوس جو نظريو ڪجهه رهسيوادي يعني مسٽزم وارو هو. بيوس جي ڪجهه شعرن تي رهسيواد کان سواءِ، آدرشواد جو پڻ رنگ چڙهيل لڳي ٿو. آدرشواد، اڪثر ڪري ڪڙين حقيقتن کان ترڪي، انهن سٺين چڱن جو چتر پيش ڪندي

آهي، جي گهڻو ڪري حقيقي يا ممڪن نه هونديون
آهن ۽ اهي، موجود حالتن کي ڦيرائڻ جي بدران ماڻهن
جي دلين ۾ ڦيرو آڻڻ تي زور ڏيندي آهي يا انهن سان
سمجهوتو ڪرڻ جي قائل ٿيندي آهي. ان نقطه نگاهه
جي جهلڪ ايوس جي "جهوپڙي" "مزورڻ" "شاهوڪار"
وغيره شعرن ۾ صاف نظر اچي ٿي.

ٿوري ۾ ائين چئجي ته ايوس جي ڪوتا ۾ جتي
يثارت واد (حقيقت نگاري) ۽ پرگتي واد (ترقي پسندي)
جا جزا سمايل آهن، اتي رهسيه واد ۽ آدرش واد جا
ڀ عناصر موجود آهن.

ايوس جي شعر ۾ فن ۽ ٻوليءَ جون چڪون آهن.
جيڪي هن ليک ۾ ڏنل ڪن شعرن مان به نظر اينديون.
عزيز انهن ڏانهن ڌيان ڇڪائي اسانکي سجاڳ ڪيو آهي.
پر جنهن نموني ۾ هن صاحب اهو ڪم ڪيو آهي، سو
نه فقط صحتمند ڪونهي، پر ان مان نقصان رسڻ جو
انديشو آهي. هنجي تنقيد گهڻو تڻو ڪوتا جي روپ
(Form) تي آهي. هو بداوت (content) جي اهميت
ليکڪ جي ويچارن ۽ ماحول کي جڻ وساري ويٺو آهي.
تنقيد لاءِ صرف سخن فهمي ئي ڪافي ناهي، پر انسان
سماج جي وڪاس ۽ اتهاس جي ڄاڻ پڻ تمام ضروري
آهي.

مان عزيز جي ايوس تي ڪيل تنقيد سان شامل راءِ

ناهيان نه پارسيءَ وارا اچار جهڙن جو لفظن سنڌيءَ ۾ ڪم
آڻجن. ڪڏهن ا، ٻوليءَ مان لفظ ڪڍڻ سان گڏ هروڀرو د
ضروري ناهي ته انجا اچار جهڙن جو لفظن قائم رکجن.
انهن لفظن کي پنهنجا اچار ڏيڻ سان ئي لسان انهن کي
پنهنجي ٻوليءَ ۾ چڱيءَ طرح سمائي سگهبو. باقي عزيز
جي اها گهر واجبي آهي ته هڪ شعر ۾ هڪ لفظ جو
ساڳيوئي اچار ڪم آڻڻ کپي.

عزيز، تنقيد ڪندي، ٻيوس جي ڪن لفظن ۽ سٽن
جي معنيٰ صحيح نه ڪئي آهي. مثلاً:- چنڊن جي
معنيٰ، ويچار ڪرڻ، هنڪي صحيح نٿي لڳي.
"جهوڙي" ۽ "ستار قدرت" جي چڱن شعرن جي
سٽن جي معنيٰ ڇڪي تاڻي غلط ڪئي اٿس. هڪڙي
هنڌ نه عزيز عجيب دليل اهو ٿو ڏئي ته جهوڙيءَ ۾
ٻاٻا جو نڪبر نٿو لڳي، نه اها سياويڪ ڳالهه آهي، ٻيءَ
انجي بيان ڪرڻ جو ڪهڙو مطلب. انجي معنيٰ نه ڪاٻه
سياويڪ ڳالهه شعر ۾ بيان نه ڪجي. ٻيءَ نه خود عزيز
جو ڪافي شعر سياويڪ ڳالهين سان ڀرپور آهي، سو ٻه
رد ڪرڻو پوندو.

ڪيترن ئي فن ۽ ٻوليءَ جي ڪن خامين جي باوجود،
ٻيوس جي شاعري، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهم ۽ نئون
نرالو اضافو آهي.

# سنڌيت جي هلچل

## ليکڪ: اُتم

برنارڊ شا چيو ته، "آزاد قوم سدائين قوميت جي فڪر کان آجي رهندي آهي، جيئن تندرست انسان ڪاهن ۽ پنهنجي جسم جي چنتا ڪا نه هوندو آهي. پر هڪ واريءَ ڪانئس اهو پدارٿ کسيو ته، ته تيسين کيس ٻي ڪين سجهندو، جيسين وري اُن کي هٿ نه ڪيو اٿس. جيسين سندس طلب پوري نه ٿي آهي، تيسين ڪنهن اُپديشڪ، سڌارڪ يا فيلسوف کي هوءَ ٻڌڻ واري ناهي. هوءَ سواءِ ايڪتا ۽ قوميت جي ٻئي ڪنهن به اهم ڪاروبار ڏانهن ڌيان ئي نه ڏيندي."

برنارڊ شا جي مٿين حوالي ۾ هڪ اهو سچ سمايل آهي، جنهنجو ثبوت اسين سنڌي اڄڪين ڏسي رهيا آهيون. جيستائين اسين سنڌي پنهنجي جنم ڀوميءَ کان جدا نه ٿيا هئاسين، تيستائين اسانکي سنڌيت (سنڌي قوميت) جي ياد ئي نه هئي. ليڪن هاڻي اهو جذبو ايترو ته سرشار ٿي ويو آهي، جو ڪيترن ئي واعظن ۽ اُپديشڪن جي "جذب ٿي وڃڻ" جي صلاح کي ٺُڪرا ڪري، اِهائي لهر پئي لهواري اُٿون لــ اسانکي ٻين جالين سنڌ سمجهي ورلاءِ ڪيو وڃي،

حق ڏنو ويو، انهن جهڙوني انگرواسي سمجهي سهوليتون ۽ سهڻيون ڏنيون ويون.

ساڳيءَ طرح سنڌ ۾ به جڏهن اسانجي سنڌي ماڻهن جي آزاد هستي ختم ڪئي وئي يعني جڏهن ته پاڪستان ۾ جدا جدا پرانتن کي گڏيندي ون يونٽ حڪومت جو سرشتو زوريءَ مڙهيو ويو ۽ سنڌ جي نقشي ۽ تاريخ کي ڪم آڻڻ به عظيم گناهه ليکيو ويو، تڏهن سنڌين جي قوميت جو جذبو (يعني سنڌيت)، هڪ پرندڙ جبل وانگر ڦاٽي نڪتو آهي. اڄ هو 'غدار' ۽ 'ڪافر' هجڻ جي لقبن جي پرواهه نه ڪري پاڻ کي موهن جي دڙي جي سڀيتا جا وارث سڏائڻ ۽ راجا ڏاهر ۽ هيمون ڪالاڻي کي پنهنجو قومي هيرو ڪري سمجهڻ ۾ فخر ٿا وٺن ۽ "سلام عليڪم" جي بدلي "جيئي سنڌ" جي نعري سان هڪٻئي کي ڪيڪارين ٿا. نه رڳو ايترو پر پنهنجي آزاد هستي قائم ڪرڻ لاءِ هنن جي - ايم. سيد، حيدربخش جتوئي ۽ شيخ اياز جي رهبريءَ ۾ زبردست هلچل هلائي آهي، جنهن لاءِ هنن اهڙا جتن ڪيا آهن، جنهن مردن سان گڏ سنڌي زالون به ڪلهو ڪلهي ۾ لائي بيٺيون آهن. مثلاً مس صغرا ماروئي، رياض ميمڻ ۽ اڪرم سلطانه ون يونٽ خلاف بکم هڙتال ڪئي.

هند ۽ سنڌ ۾ جيڪا سنڌيت جي هلچل هلي رهي

آهي، ان سلسلي ۾ سنڌيت بابت سمجهاڻيءَ جا ٻه اکر
چوڻ بي جاءِ نه ٿيندا. سنڌيت آهي سنڌ پڻو يعني
سنڌي قوميت، جيڪا سنڌي ٻولي، ساهت، ڪلچر
وغيره مان اڀري ٿي. ڪلچر ۾ ادب آداب، پوشاڪ ٻهراءُ،
سياءُ ۽ ڪلا سڀ اچي ٿا وڃن. يعني سنڌي جاتيءَ ۾
ٻين جاتين وانگر ڪيترائون نراليون خصوصيتون آهن،
جيڪي هندستان جي مرڪب (composite) ڪلچر کي
اوچ ڏين ٿيون.

اسانجي ايڪڪن وقت اوقت خصوصيتن ڏانهن ڌيان
ڇڪايو آهي. اسانجي مشهور اديب ديوان ڏيارام
گدومل ۱۹۳۲ ۾ لکيو، "سچي سنڌي سنسڪرتي
آهي راڳ ۽ سنگيت ۽ سچو سنڌي ساهت آهي صوفي
مت جي تاريخ. راڳ ۽ سنگيت جي شوق ۽ هندو
مسلم ميل ميلاپ مان اسان ۾ جيڪا ڀائپي ۽ لوڪشاهيءَ
جي ڀاونا پيدا ٿي آهي، سا هندستان جي ٻئي ڪنهن
ڀاڱي ۾ ورلي نظر ايندي... سنڌين جي، سڀ مان ڪڻ
ڪڻ واري سياءَ ۽ مهمان نوازيءَ مان انهن نه سمجهڻ
گهرجي ته ڪو ڪين ڌرم لاءِ چاهه ڪونهي يا هو ٻاٽڪي
"لچ" ٿا سمجهن... سماجڪ طرح سنڌ هندستان جي
سڌ ويل حصن ۾ اڳيان آهي... هتي وٽ ڪاڏي
رڌڻ ۽ کائڻ جون ڪي نه پابنديون ڪونهن، پوشاڪ
جي لحاظ کان هو سرو ديسي (Cosmopolitan) آهن.

جنهن ذات جو پيدا جهڙو ئي هڪ آهي اهو هتي عدم موجود نه هو ... انهيءَ ڪري سنڌي ڌارين ئي ٻيڏرو آهي.“

سنڌي واقعي ٻوليءَ جا پيڪرا آهن. سال ١٩٥٨ ۾ جڏهن بمبئيءَ ۾ سنڌي اديب مسٽر عبدالله چنا ۽ بيگم چنا گهمڻ آيا، تڏهن چيائون ته هتي اسين سنڌيءَ کي ٻاري کان ئي سڃاڻي ٿي وياسين. ڀلا چئو ته سڃاڻندا؟ هُو مڪاني ماڻهن کان نرالو جو آهي.

سنڌي سڀيتا جي خصوصيتن کانسواءِ، سنڌي ڪلا، ساهت ۽ ٻوليءَ کي ٻڻ ڪي پنهنجون خصوصيتون آهن، جي به سنڌيت جو انگ آهن. سنڌي ٻولي پراچين ٻولي آهي ۽ سنسڪرت جي ڀيڻ آهي. اها ٻين ٻولين کي مدد ڪرڻ جي سمرٿي رکي ٿي. اڄڪلهه ته اهي کوجنائون ٿي رهيون آهن ته سنڌي سنسڪرت کان به آڳاٽي ٻولي آهي. سنڌي بيت، ڪافي، لاڏو ۽ سنڌي سر- ڪوهياري، حسيني، مارُو، ڀيروي ۽ سنڌي ناچ- ڀهراڻو جهمر، ڀڳت، اهڙيءَ طرح سنڌي ساز- نڙ، بوڙينڊو، يڪتارو وغيره آهن، جي سڀ ٻين کان علحده، هڪ خاص نموني جا آهن. اسانجي جنڊيءَ ۽ ڪاٺيءَ جي سڙن جو هنر پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

اسانوٽ لوڪ ساهت جو اڻ اکٽ ڀنڊار آهي. سنڌ ۾ ئي لوڪ ساهت جي الڪل ڳالهين قصن ڀاڳن جي

هندن ۽ مسلمانن جي رسمن ۽ رواجن، هلت چلت وغيره
تي مٿين ڇهن ئي ڪلهڙن جي ڇاپ ظاهر بيٺي آهي.
جڏهن هندستاني ڪلهڙ مان ٻين ڪلهڙن جي اثر کي
جدا نٿا ڪرڻ چاهيون ته پوءِ اسين پنهنجي ڪلهڙ کي
هٿ وٺي ڇو ڪنگال ڪريون؟ نئين زماني جي تقاضا
"تون به رهه مان به رهان" مطابق ته هرڪنهن ڪلهڙ
کي اوج ملڻ کپي، جنهن مان هندستان جو مرڪب
ڪلهڙ به قلبو قولبو ڇو ته اسين به انجو حصو آهيون.
٢٢ سالن جي سنڌيت جي هلچل اهو سڌ ڪيو آهي
ته اسان پنهنجي آباڻي ورثي کي سنڀالڻ ۽ انجي سنن
جزن کي ترقي ڏيڻ جي سجاڳي پڻ اچي رهي آهي.
ساڳئي وقت اهو به قبولڻو پوندو ته سنڌيت خلاف پڻ
لهر جاري آهي. انهن ٻنهي جي ڪشمڪش اسان جي
جاتيءَ لاءِ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش آهي. جڏهن
ماضيءَ جا ورق ورائجن ٿا ته ڏسجي ٿو ته ڪيئن نه
جاتي مرندي بچي ويئي آهي.
اڄ اسانوٽ پنهنجي مرڪزي سنسٿا آکل ڀارت
سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا آهي، جيڪا ٻوليءَ، تعليم،
ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي هلچل ۾ مدد ۽ ميلاپ آڻڻ لاءِ
ڪوشش ڪري رهي آهي ۽ راڄڌاني اڳوانن جي غير
حاضريءَ ۾، سرڪار ۽ سنڌين جي وچ ۾ ڳنڍ ٻڌندي رهي
آهي. ٢٠، ٢٢ سال اڳ ۾ ڏاريا ته چڙهيو، ٿو اسانوا

جنرل موٽر مارٽ

پيٽرول ڊيزل - ڪار ۽ ٽرڪ جي پرزن جا

خاص ماهر

پتو:- ۱۳، ناگنداس مينشن، گرگام روڊ، بمبئي-۴

فون:- آفيس (۳۵۶۹۱۰) ۽

گهر (۵۳۵۶۵۲—۵۲۱۹۶۴—۵۲۸۱۲۴)

ڪمار موٽر اِسٽورس

وليءَ جيپ جي پرزن جا خاص ماهر

پتو:- ۱۲-بي، پيڪهام لين، بمبئي-۴

فون:- ۳۵۵۴۶۷ تار: Frinch Marks

هڪ دفعو اسان وٽ ضرور اچو

هري سنس HARISONS

۳۲۴، وٺل ڀائي پٽيل روڊ، بمبئي-۴

فون: ۳۵۴۲۸۱

# ضيا جو مذاقي شعر

سنڌيءَ ۾ مذاقي ساهت ٿورو آهي. ان ۾ به مذاقي شعر ته تمام ٿورو آهي، جنهن ۾ سرڳواسي پرسرام ضيا جي خاص ديِن آهي. هن جيترو مذاقي شعر لکيو آهي اوترو جديد دور ۾ شايد ئي ڪنهن ٻئي شاعر لکيو آهي. ٻن سون کان به مٿي اهڙا شعر اٿس جيڪي نه فقط "سپاهيءَ جا سخن" ۽ "سگريٽ ٻاز جا گفتا" جي سري هيٺ ڇپيل آهن پر سندس اوائلي مجموعي "گلزار رنجور" (١٩٣٦) ۾ به جنهن جهلڪ ملي ٿي. البت انهن آهي ته ورهاڱي کانپوءِ ڇپيل شعر جي آڌار تي ئي هن کي مذاقي شاعر چئي سگهجي ٿو.

مذاق ٻن قسمن جو آهي. هڪ ڏهرو يعني هلڪو، جيڪو ڪن پل لاءِ کلائيندو، ٽهڪ به ڏياريندو آهي پر دل دماغ اندر ٽڪي نه سگهندو آهي. ٻيو نفيس مذاق ٿيندو آهي، جيڪو مرڪائيندو، کلائيندو، ڪڏهن ڪڏهن ٽهڪ به ڏياريندو آهي پر انهن کان وڌيڪ اڪثر ڪري دل ۽ دماغ ۾ هلچل مچائيندو اندر ۾ ويهي ويهندو آهي.

ضيا جي شعر ۾ ٻنهي نمونن جو مذاق موجود آهي. البت هلڪو مذاق ڪجهه سرسري آهي. هن اهو شعر جيتوڻيڪ ۲۰،۲۲ سال کن اڳ چيو آهي، ته به اڄ تائين انجي گهڻي حصي پنهنجي تازگي ۽ اهميت نه وڃائي آهي. انجو سبب اهو آهي جو اُهو اسانجي روزاني زندگيءَ جو حقيقي چٽ آهي، جنهنکي چٽڻ لاءِ هن زندگيءَ کي سُونهن وانگر باريڪبينيءَ سان ويجهائيءَ تان ڏٺو. هن زندگيءَ جي سياسي، آرٿڪ ۽ سماجڪ پهلن جي ترجماني ڪئي. ڪڏهن سامراجين جي نيتي، سرڪار جي نيتي، پوليس جي ڏاڍائيءَ تي طنز ڪيائين ته ڪڏهن ليڊرن، مکين چوڌرين، ٻاون ٻانيڻن ۽ زردارن ۽ پرشٽاچارين جي اوگهڙ ڪيائين ته ڪڏهن غريبن جي حق ۾ آواز بلند ڪيائين.

سامراجي انگريز اسانکي ويڙهائي هليا ويا. ملڪ جي حالت اهڙي بڻي آهي، جو ڪي آيا تا ته چوندا وتن ته ٻيلي پنهنجي راڄ کان ته انگريزي راڄ سٺو هو. انهن تي مذاق ڪندي شاعر چوي ٿو:-

ويو هليو انگريز پر ٻارڙن وچهي ويندو ويو
اڄ ڪري ساراهه چئون ويٺا، هو ٻارڙيڪر چڱو.

ضيا اسانجي اڳوان ۽ سندن سرڪار تي خوب چوٽ چلايا آهن. انهن شعرن ۾ طنز جو عنصر گهڻو آهي، جو ڪٿي ڪٿي اهڙو لاثاني آهي جو لهسو وانگر چڀي

ٿو وچي. ليڊرن لاءِ ٣٤ سال اڳ ”گلزار رلجور“ ۾ هڪ
شعر لکيو هئائين، تنهنجي صداقت اڄا ۽ قائم آهــي.
هيٺجي والان چوائي ٿو:-

اسانکي صرف ناليءَ واسطي ٿي ليڊري گهرجي
نه مطلب قوم سان ۽ نا وطن جـي بهتري گهرجي
ٻگهو چوغو، ٻگهي ٽوپي چڙهڻ لاءِ ڏيسان آءٌ
مونکي چمڙي مان هڪ ٿي ڳوٿري ناٽي پري گهرجي.
ڏلڏي جو حال ٿيو هيٺو، ملڻ ٿي نوڪري مشڪل
تڏهن مان ٿو چوان، مونکي ٿي اڳواڻي وري گهرجي.

سرڪار تي ڪيل طنز ۾ چوي ٿو:-

”بي شڪر آهيو اوهين ڪنهنجا نه ٿـورا ٿا مڃو
بس رڳو سرڪار تـي ڪـوڙا تڪر وينا ڇڏيو.“

”سچ چئي سپاهي ڏوهـ ڪري ٿو ملڪ پنهنجي
سان ٻوهـ ڪري ٿو
رکڻ کپي هند واحد ۽ کن کي- منان چئو ’مهراجن‘ کي.“

”غريبن کي غريبيءَ ۾ هميشه خوش رهڻ گهرجي
ڏسي ڪنهنجي ’اميري‘ کي نه سڌ هرگز ڪرڻ گهرجي
جي پنهنجو حق هئي گهرندين، وڳوڙيءَ جو لقب ملندءِ.“

اساڻي غريب شرنارٿين، جي ڏکــن ڏڏي جيوت
ڏسي چوي ٿو ته انکان ته جيل بهتر آهي:

ڇگو ڪئمپ کان اڄ آهي جيلخانو
’سپاهي‘، جي سک چاهين، ٿيءُ ٽون رازو،

شرنارٿي ڪئمپ جا جيئڻ ڪهڙي نرڳ آهي جتي ڪيترن کي نه پورو اَجهو آهي، نه اَنُّ آهي، نه لٽو آهي، نه علم آهي ۽ نه پنهنجي شرم حياءَ لڪائڻ لاءِ پوشيدگي آهي. اهڙي نرڳ لهڻ جو چٽر ٻين به ڪيترن شعرن ۾ چٽيو، اُس پر "پٽي تي پوهوءَ ماهُ" واري شعر ۾ اهو چٽر پڪانو آهي:-

پٽي تي پوهوءَ ماهُ
ڪند پٽي ڪانگريسين جو - ڪيو انهن ڪنياءُ

لٽا نديءَ تي ڌوئي وهٽي
اڳوانن کي لوئي وهٽي
منهن کي سڄائي سٽي تي ڪپڙا
لنڪو انس ڪو ناهِ - پٽي تي پوهوءَ ماهُ

ٻارهينءَ وارو پير ڪو پڇندن
لال سائين ڪا اُٺي هٽندن
ڪئمپ ۾ آٿي قٽو ڪياڻون
ڏيٺي آئي جو ٻاهِ - پٽي تي پوهوءَ ماهُ

پيڙ لڳي تي ڪاڪوسن تي
وهن ليون پيمر للهن ڪسن تي
الٽو مڪي چوري، زالن کي
ناهي شرم حياءَ - پٽي تي پوهوءَ ماهُ

ملي تو راشن ڪين سمورو
گهڻا ڏاڍي ڪري ٿو وقت ڪي پورو
ڪير جي خاطر ٻار رڙن ٿا
لهندو ڪير سماءُ - پڇي ٿي پوهوءَ ماءُ

پٽ ٻچا آهن پنهنجي ۾ پورا
مطلبي آهن مڪي سمورا
هٿن واس جون لباڙون
سچو ڪندا ٺهراءُ - پڇي ٿي پوهوءَ ماءُ

پوهوءَ ماءُ جون پڌي هي ڳالهيون
سونا ٿيءَ جون اکيون ٿيون آليون
وسري ويا سگريٽ چڪڻيون
دل کي لڳو ڌڪاءُ - پڇي ٿي پوهوءَ ماءُ

مٿئين سڄي شعر پڙهڻ سان دل سچ پچ ڀرجيو اچي ۽ پنهنجن پيارن سندن لاءِ هڏ ڪرڪڻ لڳي ٿو. ۽ اهو اونهو احساس ٿئي ٿو ته اسان سندن ورهاڱي جي ڪري ڪيترن ئي مصيبتن ۽ مشڪلاتن ڏٺيون آهن ۽ اسان سان اهڙو گناهه ڪيو ويو آهي جو الهاس ڪڏهن به، گنهگارن کي معاف نه ڪري سگهندو. هن شعر ۾ جا سليساڻي ۽ رواني، لطافت ۽ صداقت آهي، سا هنڪي پڻ لوڪ-ڪونا بڻائي ٿي ڇڏي. هن ڪونا ۾ ناٽڪي عناصر به زوردار آهي.

ضيا هڪ ٻئي والان اهائي ٻولي چوائي انس
جيڪا هوءَ روزاني زندگيءَ ۾ ڳالهائيندڙون آهن. هن
شعر ۾ حقيقت جي اهڙي ته اثرائتي تصوير ڪيئي انس
جو اسانجي اکين آڏو سڄي ڪئمپ جو چٽر قرط لڳي
ٿو. هن سڄيءَ ڪوتا ۾ مرڪ ۽ لڙڪ جو مڌر ميلاپ
سمايل آهي.

ڪئمپ ۾ جتي پوهوءَ ماءُ جهڙا ايماندار انسان دکي
جيوت ڪاٽي رهيا آهن، اتي اهڙا سائينءَ جا سنوار يا
ڍونگي به آهن جيڪي پاٽڪي غريب سڏائي سڄن
ٻچن غريبن جي حق ڪي وڃنا مارين. اهڙن ڍونگين
جو ضيا خوب پانڊو قوڙيو آهي. چوئيتو:-

چون زوردار ڪئمپن ۾ بکيا آهيون ڏکيا آهيون
اُتي لپ لڳ گهٽن ايمان پنهنجي ڪي وڃايو آ
گهٽائي هوند وارا هوند ۾ ارڻ هوند تا سمجهن
ڏٽي لنڪي "اميريءَ" ۾ سڄو سڪٽو بڻايو آ.

ساڳيءَ طرح جن ڪوڙا ڪليم ڀريا آهن تن لاءِ
چوي ٿو:-

ڀري فارم ڏنا آهن هزارن پنهنجي ملڪيت جا
هيٺڙ بس والدڪائيءَ ۾ رسيدن ڪي ڏسن وينا
بڌن جنهن دم حڪومت طرفان جاين جي مڻا ليهدي

هٿن جي مزدورن جون اڻ ڳڻيون اک ۾ رکن وانگر.
انهي شعر ۾ ڏسو سنڌ واسين جي ڪوڙي شان واري
مصوري تي ڪيئن نه مذاقي طنز ڪئي اٿس:

ڪڙو چئبو ماڻهو پنهنجي وطن جي
اڃا نه آهي اوڙ لکن جي
ڪوڙو هندي ٿيو حيران
ڪٿ آهيون نه نه آهيون خان.
ڪهڙو ٻاري اسين ڪريون ڏياري
سڀني سچائي ۾ نه نهاري
سوچيون ذڪر لڳي انسان
ڪٿ آهيون نه نه آهيون خان.

اسانجي ڪهڙو حيوت کي ڪيئن ڪُٺو لڳي رهيو آهي،
الڪان ۾ خوب آگاهه ڪيو اٿس. چوڻو نه پوي ٿو اهي ٿئي،
لئي پٽ جو جهيڙو لڳو پيو آهي. مردن مان اخلاق ۽
زالن مان حياءُ موڪلائيندو ٿو وڃي ۽ انهي نوني ڀيندا
نا وڃن ـ ڏسو:ـ

"ڪهڙي منهن سان ليار ڪهڙا ڏر، وڃو آهن ٿون ٻيڪار
ڪٽمب ۾ نوڪي مولڪي، سڀ ڪي، ڪارائي سرڪار
ٻاڻ سچو ڏينهن ڪٿون چئن ڏر، ڇورن ٽي بس مار."

"سنڌ ۾ هڪ هو، مگر هس ڪيئي دادا ليڪراج
جن کي هردم چاولن کي هٿ ڪرڻ جو شوق آ
ملڪيتون مڙسن جون پنهنجون پاڪستان ۾
ڇڏيون حياءُ ۽ شرم زالن کي ڇڏڻ جو شوق آ."

نه فقط ڪوڙو جذبو، ان سچي سماجڪ جذبي کي اهو ڪهڙو اڳي رهيو آهي، جنهن ڏانهن شاعر اشارو ڪيو آهي. جو اڳي نه اڪثريت ۾ علم ۽ عقل جي نه ها ٻاهران سرڪارن جي ليڊرن وڪامن. هر چيز پئسي لئي لي وڪامي، ان ڏس جو ڪو ڏٺي سائين ڪولهي:

” اڱر خواهش ڪالي چرڪري آ
نه ان لاءِ هوڙ مرڪي نوڪري آ.“

”آلو ڏيڻي دشا ڪرائيندا - ٻاٽي ڀيڪ لئه اڪو پراڻا
ڳالهائڻ ٻي ماهه لئي وڪامي.“

” ناٽي لئي لسو نياڻ وڪامي
اڄ ڪلهه پال سنو سڙي ۽ ڪامي.“

ليڪن ضيا کي وشواس آهي ته اهڙي زندگي سدائين قائم نه رهندي، ضرور بدلبي. انڪري نه هڪ مذاقي شعر ۾ اڳوالن کي مخاطب ٿي چوندو:

چڱو آلو ميدان ڇڏي ڏيو
ڪم نه ڪرايو ڳا هڻي اوري ٿيو
جوش ۾ جيتا اچي رهي آ، بدليو آهي زمانو.

مٿين مثالن مان ڏسبو ته ضيا صاحب مذاقي شعر ۾ نه فقط عام ماڻهن جي جذبي ۽ سنڌيت جو چٽو چٽو آهي [illegible] اها عام فهم بول چال جي اصطلاحن سان [illegible] آندي آهي، جو شعر ۽ شاعر لوڪ-

Institute of Sindhology
5267
11.7.2

5259
Crit.
54